سوال نمبر ٣ (د): هيٺين مان ڪن به ٻن جي تعريف مثالن سان ڏيو: (٣)

# گرامر

سوال گرامر ڇا آهي؟

گرامر هڪ اهڙو قائدو آهي جنهن مان صحيح لفظن کي صحيح جڳهه تي رکي سگهجي ٿو.

اسان جيڪي به لفظ ڳالهايون يا لکون ٿا اُهي پنهنجي معنٰي جي لحاظ کان اٺن قسمن جا آهن ۽ انهن کي ڳالهائڻ جا لفظ چئبو آهي ۽ انهن جا نالا هي آهن

| | |
|---|---|
| اسم | Noun |
| ضمير | Pronoun |
| صفت | Adjective |
| فعل | verb |
| ظرف | Adverb |
| حرف جر | Preposition |
| حرف جملو | Conjuction |
| حرف ندا | Inter jection |

**اسم: Noun**

ڪنهن به ساهواري، جاء، شيءِ، ڪم ۽ حالتن جي نالن کي اسم چئبو آهي.

**لفظن ذريعي ظاهر ڪرڻ:**

مثال: اسلم ، مسجد ، ڪرسي، سنڌ، اسڪول، ڊاڪٽر وغيره

**جملن ذريعي ظاهر ڪرڻ:**

١: اڄ اسڪول ڪليل آهي. (اسم)

٢: هاٿي ڊگهو جانور آهي. (اسم)

٣: ڪتاب ميز تي رک. (اسم)

**ضمير: Pronoun**

اهڙا لفظ جيڪي جملي ۾ اسم جي بدران ڪم اچن، تن کي ضمير چئبو آهي.

**لفظن ذريعي ظاهر ڪرڻ:**

مثال هو، هوءَ، اهي ، اهو ، هي ، مان ، تون ، اسان، اسين وغيره

WWW.USMANWEB.COM

۳: باهر ڏاڍي گرمي آهي. (ظرف)

**حرف جر:** **Preposition**

اهڙا لفظ جيڪي جملي ۾ ٻن اسمن يا ضميرن کي پاڻ ۾ ملائين يا فعل سان ملي جملي جو صحيح مطلب ظاهر ڪن تن کي حرف جر چئبو آهي.

**لفظن ذريعي ظاهر ڪرڻ:**

مثال: تي، ۾، جو، کي، جا ، سان ،ڪان،وٽ وغيره

**جملن ذريعي ظاهر ڪرڻ:**

۱: گلاس ۾ پاڻي آهي. (حرف جر)

۲: ڪتاب ميز تي رک. (حرف جر)

۳: احمد جو اسلم دوست آهي. (حرف جر)

**حرف جملو:** **Conjuction**

اهڙا لفظ جيڪي ٻن لفظن، ٻن فقرن ۽ ٻن جملن کي پاڻ ۾ ملائين تنهن کي حرف جملو چئبو آهي.

**لفظن ذريعي ظاهر ڪرڻ:**

مثال: ۽، يا، پر، جيڪڏهن ،ته،ڇاڪاڻ ته وغيره

**جملن ذريعي ظاهر ڪرڻ:**

۱: محنت ڪندا سين ته ڪامياب ٿيندا سين. (حرف جملو)

۲: احمد ۽ علي دوست آهن. (حرف جملو)

۳: مان احمد جي گهر ويس پر هو ڪونه مليو. (حرف جملو)

**حرف ندا:** **Interjection**

اهڙا لفظ جيڪي جملي ۾ خوشي، غمي،افسوس،تعجب،حسرت کي ظاهر ڪن،تن کي حرف ندا چئبو آهي.

**لفظن ذريعي ظاهر ڪرڻ:**

مثال : هاءِ هاءِ! شاباش! الله اڪبر! گهوڙا ڙي ! مار! واهه واهه وغيره

**جملن ذريعي ظاهر ڪرڻ:**

WWW.USMANWEB.COM

١ :يارا اڄ ڪيڏي نه گرمي آهي . (حرف ندا)

٢ :واهه واهه! اسان ميچ کٽيو. (حرف ندا)

٣ :شاباش! تون سٺو ڇوڪرو آهين. (حرف ندا)

## مشق :

هيٺين لفظن جي گرامر جي لحاظ کان سڃاڻپ ڪريو .

| | | |
|---|---|---|
| ١ | احتشام هڪ سٺو ڇوڪرو آهي . | (      ) |
| ٢ | اُهُ اسڪول وڃان ٿو . | (      ) |
| ٣ | اسان کي سيالي سوکل آهي. | (      ) |
| ۴ | اسلم ماني کائي ٿو. | (      ) |
| ۵ | يارا! اڄ ڪيڏو نه طوفان آيو آهي. | (      ) |
| ٦ | گلاب جو گل سڀني گلن کان سٺو آهي. | (      ) |
| ٧ | سون تنهنجو سبق ياد ڪري ڇڏيو آهي. | (      ) |
| ٨ | اُهُ روزانو اسڪول ويندو آهيان. | (      ) |
| ٩ | طارق هڪ سٺو ڇوڪرو آهي. | (      ) |
| ١٠ | اڪرام هڪ سٺو لائق ڊاڪٽر آهي. | (      ) |
| ١١ | اچ خميس جو ڏينهن آهي . | (      ) |
| ١٢ | ڇوڪريون ڪيڏانه آيون پر راند نه ٿي سگهي. | (      ) |
| ١٣ | گلاب جا گل گاڙها ٿيندا آهن . | (      ) |
| ١۴ | واهه واهه! سون کي انعام مليو. | (      ) |
| ١۵ | فرزانه هاڻي اچي ٿي. | (      ) |
| ١٦ | ڪتاب ميز تي رکيل آهي. | (      ) |

WWW.USMANWEB.COM